# سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 2002
# سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH GOVERNMENT LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance III of 2001

3. 2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance III of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 2002
## سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH GOVERNMENT LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[26 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

| | |
|---|---|
| | خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ هميشہ ايئن 3 جنوري 2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو. |
| 2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance III of 2001 | 2. سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (V) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(v_a) "سرڪاري زمين" جنهن ۾ شامل آهي سرڪار يا هڪ خودمختيار بادي سميت قانون تحت قائم ڪيل هڪ ڊولپمينٽ اٿارٽي ۾ ايندڙ زمين."، |
| 2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance III of 2001 | 3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾، لفظ "۾" ۽ لفظ "پيچڪڙي" وچ ۾ لفظ "يا" کي شامل ڪيو ويندو.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |